1319

NATIONAL ARCHIVES OF

1319 !
MANMOHAN bhajnāvalī.
Haidarābād: Nitharmal Īsardās, 1931.
30 p. 16 cm.
Nationalistic songs.
NAI 3240
PP Sindhi 6

THIS ITEM FILMED BY THE BRITISH LIBRARY

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

INDIA OFFICE LIBRARY

IOL SIND PP 6

FILMED JANUARY 1981 A

NATIONAL ARCHIVES

CROWN COPYRIGHT
THESE COPIES ARE PROVIDED FOR
PRIVATE STUDY AND RESEARCH ONLY
AND MAY NOT BE REPRODUCED WITHOUT
THE PERMISSION OF THE DIRECTOR OF
THE INDIA OFFICE LIBRARY AND RECORDS

NATIONAL ARCHIVES

INDIA OFFICE LIBRARY
Sindhi printed bork: Sind. PP 6

Manmohan bhajanāvali.

pp. 30

Hyderabad, 1931.



NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

Sindhi 116

Man Mohan Bhagwandi

وندي ماترم - وندي ماترم -

INDIA OFFICE
12 JAN 1933
LIBRARY

من موهن ڀڄناولي

سنگرهه ڪرتا — چيتن ديو ورما

پرڪاشڪ — نٿرمل ايسر داس

دفعه پهريون — جلد هڪ هزار

قيمت هڪ آنو

سال ١٩٣١

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

9.0
III 31
401

راڳ (١)

طرز- عقل آزادگي اقبال ۽ آسودگي عزت-

ٿلهه- پياري ديس جي کاڌي- بدن تي ڀائرو پايو-

١ وطن جو حال ٿيو هيٺو- ورهين کان آهه ويڳاڻو
د کايل مات ڀارت کي- دکن ۾ ڪين ڪي گهايو

٢ جوانن جان جند گهوري- ڇڏي سانگا عزيزن جا
توهان لءِ آهه قرباني- فقط کاڌيءَ سان دل لايو

٣ مرن ٿيون ڀينرون بکه ۾- رڙن ٿا ٻار اڄ تن جا
غريبن جي مٿان گردن- وديشي تير نا واهيو-

٤ اسانجي ديس جون ناريون- رهيون ٿي جيل خاني ۾
توهان جي دل اندر هاڻي- انهن لاءِ آهه ڇا رايو

٥ ڪروڙين ديس جا ڀائر- بکن ۾ روز ڪن دانهون
ڪري کاڌي ٿيو سادا- انهن کي روز پهچايو

٦ اُوڻيهه سو اُوڻهين سنه ۾- قتل ڪونڌر ٿيا ڪيئي-
مٿن وسڪار گولين ۽ بندوقن جو- اچي ڇايو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

سونو وجهه - وري هٿ نه ايندو -
سو وري ڪيئن ؟

نٿرمل - رام ڪيڏانهن ٿو ٿو وڃي ؟ سکه ته آهي ؟

رام — يار سکه ڪٿي آهي ؟ لبو جي سوناري کي ڪالهه چورن لاءِ سون ڏيئي آيس ، اڄ خبر ملي اٿم ته دڪان ڇڏي ڀڄي ويو آهي هاڻ ته وڃانٿو پوليس ۾ فرياد داخل ڪرڻ -

نٿرمل - اري تنهنجا ڪم ئي ڀڏا آهن ، خبر ڪان اٿئي ته بجاجين جي چونڪ ۾ ريلو مل ڏاندو مل سوناري جو دوڪان آهي ، مان سالن کان وٽس چورا ، منڊيون ، ۽ ٻيو هر قسم جو ميني جو ڪم ڪرائيندو آهيان ، ۽ ڪم اهڙو ته سٺو اٿس ۽ ايمانداري سان ٿو ڪري جو ڪيا بات ، تازو منهن جي ڀاءُ جي شادي ٿي ته هن ٽن ڏهاڙن ۾ سڀ ڪم ناهي راس ڪري ڏنو - ڀلا هٿ اٿس ڇوٽ سو ڪم به ڏئي ٿو وقت تي -

رام — چڱو يار منهنجي به پٽ جو وواهه آهي مان به وڃي ٿو کيس زيور گهرڻ لاءِ ڏيان -

ريلو مل ڏاندو مل سونارو
شاهي بزار بجاجين جو چونڪ .

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

بکہ ۾ مرن جي جوان هزارين - جيوت تن جي
بچائيندا -

راڳ (٣)

طرز - ميل محبوب خدا ڪرڪي رہا -

ٿلهہ - کاڌي سان دل هاڻ لڳايو - ملڪ پنهنجي
جو مان وڌايو

١ ساڌي رهڻ ۾ آهہ چڱائي - من مان وڃي ٿي
سڀيئي برائي
غيرت دل ۾ رهندي نہ ڪائي - سياڻا سمجهو
خيال ڀچايو

٢ گهر گهر ۾ توهين کاڌي پايو - مات ڀارت آزاد ڪرايو
پنهنجو نہ پاڻ کي توٽ بڻايو - وقت نہ ويهي
مفت وڃايو

٣ کاڌيءَ سان جن پريت لڳائي - انهن ملڪ جي
عزت وڌائي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٧ وسي برسات گولين جي - لڏي ويالال ڀارت جا
قهر جو ڪال او ڊائر - جوانن تي ڪهي آيو -

راڳ (٢)

طرز - ڀارت ڪا سردار همارا - ايڪ لنگوٽي والا هئه
ٿلهه - کاڌي ڪپڙو ڀائر پائي - ڀارت وطن بچائيندا -
رت ۾ رنگيل اهو ڪپڙو ولايتي - ڪين ٻچن
کي پائيندا

١ کاڌي پياري سادي آهي - کاڌي سان ئي پيار ڪريو -
غريبن سڪ مان جوڙي آهي - تنکي زور وٺائيندا -
٢ ڪپڙو ولائتي نئون گهرائي - ملڪ کي نابرباد ڪريو
ديس سندو هت چاهي هر دم - کاڌي سان دل لائيندا -
٣ پيارن ويرن جان وڃائي - وطن جو ناد وڃائيندي
ننڍرا پيارا ابهم ٻچڙا - ڪيسين قتل ڪرائيندا -
٤ کاڌي پريم دلين ۾ ڌاري - اڀلائن جو اُڌار ڪريو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

غفلت ڀائر ڪريو نہ ڪائي - ڀارت پنهنجو
ڪين لڄايو -

۴ ڀارت ۾ بکہ جاري آهي - اناڻن جوڪو رکيشڪ ناهي
ڀائر ڀينر هوش هلائي - ديس پنهنجي کي اوج رسايو
۵ ڪپڙو ولائتي جان تي پائڻ - ديس تي آهي
تير هلائڻ
ڀائر پنهنجا بکہ ۾ مارائڻ - اهڙي ڪرت نہ ڪار ڪمايو

راڳ (۴)

ٿلهہ - کاڌي پايو سڀ ڀارت واسي - ڀارت واسي
ملڪ بچايو ري - ڀائر پيارا -

۱ ڀارت کي دکہ درد ستايو - درد ستايو
ڌارين آهي ملڪ کٽايو - ملڪ کٽايو
ڪريو ديس اُڌار - ڀائر پيارا

۲ مات اسان جي روز پڪاري - روز پڪاري
نيڻ نماڻا کڻيو نهاري - کڻيو نهاري

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ديس ڪريو نہ اُجار — ڀائر پيارا

٣ ڪپڙي ولائتي ديس کٽايو — ديش کٽايو

ڀارت کي ڪنگال بڻايو — ڪنگال بڻايو

ڌيان ڏيو هڪ وار — ڀائر پيارا

٤ ماترم ڀومي جو مان وڌايو — مان وڌايو

ڌارين وٽ نا پاڻ ڦرايو — پاڻ ڦرايو

ترت ٿيو سڀ تيار — ڀائر پيارا

راڳ (٥)

طرز — سگريٽ جو بهشڪار ڪريو —

انگلنڊ کي لاچار ڪريو

ٿلهہ — بجڪائي بهشڪار ڪريو —

متان وٽن واپار ڪريو

١ ڪپڙو ولائتي بجڪا ڀرائي — وڪڻن ٿا سي

ديسي هلائي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ملڪ سان پنهنجي ڊوهه ڪمائي - ترڪ تني
هن وار ڪريو -

٢ بجڪا کڻي ٿا ملڪ لٽائين - ديس جو پيسو
مفت وڃائين

ڀارت کي ٿا بکه ۾ رڙائين - گهٽيءَ گهٽيءَ تن
خوار ڪريو

٣ ڪپڙو ولائتي مهر سو ديشي - متان وٺو اهو
ڪپڙو وديشي

ڪري انهن جي ڀائر پيشي - ملڪ سندو ويچار
ڪريو -

٤ پرديسيءَ مان ٻيڻو ڪمائين - انهيءَ ڪري ٿا
ملڪ مارائين

هنر پنهنجي کي ناس ڪرائين - کاڌيءَ کي سينگار
ڪريو -

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

راڳ (٦)

طرز - صدقي صدقي نمڪ بنايا -

ٿلهه - ڪپڙو ولائتي پائي نه ڀائر - ملڪ سان ڀال ڀلائيندا -

پنهنجي ديس جو شان وڌائيندا -

١ ڪپڙو ولائتي ديس کٽائي - ديس مري ۽ غير ڪمائي نا ڌارين کي همٿائيندا - پنهنجي ديش جو شان وڌائيندا

٢ پاهه بکن ۾ ڀارت آهي - مانئ ٽڪري لاءِ ڀاڙائي غريبن روز رسائيندا - پنهنجي ديس جو مان وڌائيندا -

٣ ديس جي کاڌي پائڻ جڳائي - ڪپڙو ولائتي ڇڏيو جلائي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

نا مور بدن ٿي پائيندا ـ پنهنجي ديش جو
شان بچائيندا

٤ غريب هزارين بکه ۾ مرن ٿا ـ ڪپڙي بنا
ڪي ننگا رهن ٿا

کاڌي انهن لاءِ پائيندا ـ پنهنجي ديش جو شان
بچائيندا

٥ ڀارت ۾ جي هنر هزارين ـ ناس ٿياسي سڀئي هاڻي
وطن کي اوج رسائيندا ـ پنهنجي ديس سان
ڀال ڀلائيندا

راڳ (٧)

طرز ـ مهاتما گانڌي ۽ آهه فرمايو ـ ديسي ڪپڙو
پايو ـ ولائتي لاهيو

ٿلهه ـ ڪپڙي وارا سمجهه سياڻا ـ
ڪپڙو سيل ڪرايو ـ دير نه لايو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

١ ڪپڙو ولايتي سيل ڪرائي - ڀارت سان اهو ڀال ڀلائي

ترت ڪريو اهو سعايو - دير نه لايو

٢ ڪپڙي ولايتيءَ ديس کٽايو - ملڪ سڄي ۾ ڏڪر وجهايو

ڀارت ورش بچايو - دير نه لايو

٣ در در تي ٿا ڌرنو ماريون - ڪپڙو ولايتي سيل ڪرايون

ديسيءَ کي همٿايو - دير نه لايو

٤ کاڌيءَ جو واپار وڌايو - ملڪ پنهنجو آباد ڪرايو

ڌارين ڪين کٽايو - دير نه لايو

٥ رت ڀارت جو انهيءَ سڪايو - جوانن کي جنهن مفت مارايو

ڀارت عرض اکهايو - دير نه لايو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٦ وطن جي شان وڌائڻ ڪاتر ـ ملڪ سان ڀال ڀلائڻ ڪاتر

ناڻو سڀ سهسايو ـ دير نه لايو

٧ جوان هتي اچ ويٺا آهن ـ لاءِ توهانجي فائدو چاهين

پنهنجي ڀلائي چاهيو ـ دير نه لايو

راڳ (٨)

طرز ـ صدقي صدقي نمڪ بنايا

ٿلهه ـ شراب سان دل لائي نه ڀائر ـ ملڪ جو شان بچائيندا

پنهنجي ديش سان ڀال ڀلائيندا

١ ڌرم ڪرم جو سڀئي وڃائي ـ شان وڌن جو ناس ڪرائي

هٿ نه انهيءَ کي لاهيندا ـ پنهنجي ديش جو شان وڌائيندا

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٢ جان جگر کي شراب جلائي — هوش عقل کي
ترت اڏائي
نا نانگہ اهو همٿائيندا — پنهنجي ديس سان
ڀال ڀلائيندا

٣ ڀينگہ ڪري گهر ٻار سمورو — ناڻو وڃائي
ڪري سڀ پورو
ترت سو جوان ترائيندا — پنهنجي ديس سان
ڀال ڀلائيندا

٤ مات پتا جي ساڃهہ وڃائي — شراب شيطان
جهڳي مچائي
نا پنهنجو پاڻ لڄائيندا — پنهنجي ديس جو
شان وڌائيندا

٥ سرڪار ان مان ناڻو ڪمائي — انهي رقم مان
ظلم هلائي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ڀائر نہ پيارا مارائيندا ـ پنهنجي ديس سان
ڀال ڀلائيندا

٦ شراب سان دل ڪين لڳايو ـ پنهنجو پئسو
نہ مفت وڃايو

ڀائر نہ خون ڪرائيندا ـ پنهنجي ديس سان
ڀال ڀلائيندا

راڳ (٩)

طرز ـ ڀارت ڪي گن گايو ـ سڀ ڀارت ڪي
گن گايو.

ٿلهہ ـ ڀارت ورش بچايو ـ سڀ ڀارت ورش بچايو

١ ويهہ ڪروڙ وڃن اجايا ـ ڀارت جي هرسال ڦرايا
نا پئسا مفت وڃايو ـ سڀ ڀارت ورش بچايو

٢ ڌارين آهي ڪيو نشائي ـ پنهنجي ان ۾
ڏسي ڀلائي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

پنهنجو نہ پاڻ کلايو - سڀ ڀارت ورشہ بچايو
٣ شراب جسم جلائي سارو - دماغ دل کي هڻي
ٿو ڌارو

بيمار نہ پاڻ ڪرايو - سڀ ڀارت ورشہ بچايو
٤ ڌارين ملڪ ستايو آهي - ديس ۾ ڏڪر وجهايو آهي
نا پنهنجو وطن ٺڳايو - سڀ ڀارت ورشہ بچايو
٥ عزتِ آبرو خاڪ ڪري جو - عام خلق ۾ خوار
ڪري جو

ديس مان ٿنهنکي ٽرايو - سڀ ڀارت ورشہ بچايو
٦ ڪري پڪيٽنگہ ان تي پياري - ديس تان لاهيو
سڀئي خواري

پنهنجو شان وڌايو - سڀ ڀارت ورشہ بچايو

راڳہ (١٠)

طرز - مهاتما گانڌي آهي فرمايو - کاڌيءَ کي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

واپرايو دير نہ لايو

ٿلهہ — شراب کي توهين ڇڏيو پيارا — ناڻو پنهنجو

بچايو شان وڌايو

١ ديس جي حالت ڏتريل آهي — ملڪ ۾ پئسو

رهيل ناهي

من نہ ملين بڻايو — شان وڌايو

٢ شراب سان دل جيڪو لائي — پنهنجو ناڻو ٿو

مفت وڃائي

هئين اندر تہ هنڊايو — شان وڌايو

٣ لاءِ عقل جي شراب قاتل — عمر سڄيءَ جي اڌ

ٿئي حاصل

وڏن حڪيمن رايو — شان وڌايو

٤ نانگہ جيئن ٿوڏنگہ لڳائي — شراب تئن ٿو ساهہ سڪائي

پنهنجو نہ پاڻ ڦٽايو — شان وڌايو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

راڳ (١١)

طرز — سر جو سانگو لاهي - هلو ويرجنگه ۾ ڪاهي -
ٿلهه — ٽوپي وديشي لاهي - هلو تاج کاڌيءَ جو پائي

١ ٽوپي ڪاري ڏور نه پايو - ڀارت واسي جي سڀ آهيو
ٽوپي اها اُڇلائي - هلو تاج کاڌيءَ جو پائي

٢ ٽوپ ٽوپلا آهن اجايا - ٽوپ انهيءَ سڀ ٽوٽ بدايا
ڀائر ڏسو سانڃائي - هلو تاج کاڌيءَ جو پائي

٣ سرتي رکن ٿا تاج پيارا - ڪلنڪ انهي تي رکو
نه ڪارا

عالم ڇڏيو اُڏائي - هلو تاج کاڌيءَ جو پائي

٤ رام ڪرشن جو شان وڌايو - وياس يدشٽر کي
نه لڄايو

فئشن سڀ ڀلائي - هلو تاج کاڌيءَ جو پائي

٥ وڪيل وڪالت جيڪي ڪن ٿا - ٽوپ صاحب

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٨ اڃان رهن ٿا

تنکي هاڻ جڳائي - هلو تاجه کاڌيءَ جو پائي

٦ ڪل ڪلارڪ ڪورٽ وارا - جوان ڇوي ٿو

هڻي نغارا

ڀارت ڀال ڀلائي - هلو تاجه کاڌيءَ جو پائي

راڳ (١٢)

طرز - اچو نو جوانو هنر آزمايون

ٿلهه - اچو نو جوانو - کدر واپرايون -

ڪپڙو ولايتي - هلي بند ڪرايون -

١ ڀارت صدين کان - غلامي ۾ آهي -

گڏي ملڪ سارو - غلامي هٿايون -

٢ ڪپڙو ولايتي - جلايو اگين ۾

غريبيءَ جو هند ۾ - نه نالو رهايون

٣ مصيبت ۾ آهي - وطن جو سٺارو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

اسي چرخي پر دارو مدار هي

چرخا ڪاتو تو .....

راڳ (١٥)

١ کادي ڪا ڊنڪا عالم ۾ - بجوا ديئا گانڌي باباني

مئنچيسٽر، لينڪشائر ڪو - هلوا ديئا

گانڌي بابا ني

٢ کاڌي ڪو پهنوتم - دوڇور وديسي وسترون ڪو

يه پاٺ ڀلي سوديشي هڪو

پڊوا ديئا گانڌي .....

٣ جو پهني ساريئان پرديسي - چلتي ٿي ڀارت

ڪي ناري

کاڌي سين اُنڪا سندر تن

سجوا ديئا گانڌي .....

٤ کاڌي ڪي ڀگتي بم سين بي هي - اڌ يڪ

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

۱ ای چرخا کاتینگا مال سودیشی ۔ چرخا ٹوکیگا
مال ودیشی
چرخا سودیشی کی تلوار ہی
چرخا کاٹو تو .....

۲ چرخا انگریز کو نیچی جھکائی گا ۔ چرخا سوراج
کی راہ بتاوینگا
اس ہر آزادی کا اسرار ہی
چرخا کاتو تو .....

۳ بھون گاندھی کا یہ فرمان ہی ۔ چرخا پارٹ کا
کلیاط ہی
اس ہر یورپ کو آزادی ہی
چرخا کاتو تو .....

۴ اس ہر ہوگا سری نیشان قر ۔ ہوگا فخر عالم
ہندستان قر

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ڀيه سڪنت سارا ـ

۳ اس جهنڊي ڪي نيچي نرڀيه ـ لي سوراج يهه
اوچل نسچيه

بولو ڀارت ماتا ڪي جيه ـ سو تنترتا هئي ڌييه
همارا ـ

۴ آئو پياري ويرو آئو ـ ديس ڌرم پر بل بل جائو
ايڪ ساٿ سڀه ملڪر گائو ـ پيارا ڀارت ديس همارا ـ

۵ اسڪي شان نه جاني پائي ـ چاهي جان ڀلي هي
جاوي

وشو وجيه ڪرڪي دکلائي ـ تب هووي پرڻ
پورن همارا ـ

چرخي جو راڳ (۱۴)

بهنو چرخي سين هار سينگهار هي ـ چرخا ڪا تو
تو بيرا پار هي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

اچو عرش اوچي - انهيءَ کي چڙهايون

٣ ٿين شير باندي - وطن جا هزارين

نه باندي بندن جو - تن کي بڻايون -

٥ ءکي ديش ڀارت - پيارو پڪاري

نه مات پياري - رڻ ۾ رلايون

واڳ (١٣)

ٿلهه - وجئي وشو ترنگا پيارا - جهنڊا اوچا رهي

همارا -

١ سدا شڪتي برساني والا - پريم سڌا سرساني والا

ويرون کو هر شاني والا - ماتر ڀومي کا تن

من سارا -

٢ ستنتر تاکي ڀيشڻ رڻ ۾ - لکه ڪربري

جوش کن کن ۾ -

ڪانپي شترو ديکه ڪر من ۾ - مٽ جاوي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ڪام ڪرني والي

ڪاڏي ڪا گولا ڀارت ڪو

دلوا ديئا گانڌي .....

ه اب تياگر بلائتي وسترون ڪو - تم ڪاڏي سين

ئي پيار ڪرو

ڪاڏي ڪا جهنڊا ڀارت ڪو

دلوا ديئا گانڌي .....

راڳ (١٦)

جاڳو جاڳو ڀارت ڀائي - وقت جاڳڻ جو آيو آهه

ا مٺري ننڊ ڇڏيو ڀائي - گانڌي جو فرمايو آهه

سمهندي سمهندي رات ويئي آهي - سورج

جو بي سعيو آهه جاڳو جاڳو .....

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٢ غفلت ۾ نہ تو هين گذاريو - وقت اُٿڻ جو آيو آهہ
جنهن ڪئي آهي شيوا ڀائي - تنهنجو جنم سڃايو
آهہ جاڳو جاڳو .....

٣ غير غلاميءَ ۾ جو ڦاٿو - تنهنجو جيئڻ اجايو آهہ
غافل گهوتا کائڻ ڇڏيو - ظالم ظلم ڪمايو آهہ
جاڳو جاڳو .....

٤ ٿهل چوي ٿو ٿهل ڪريو ڪڇ - وقت ٿهل جو آيو آهہ
هند سڄي ۾ گانڌي بابي - جنگہ جو ناد وڄايو
آهہ جاڳو جاڳو .....

راڳہ (١٧)

ملڪ بنيو مستان - ڀائر غفلت ڇڏيو

١ ڇڏيو و لائتي ڪپرو ڀائي - کاڌي پائڻ اسان
جي ڀلائي

گانڌيءَ جو فرمان - ڀائر غفلت ڇڏيو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٢ شو لاپور جو شهر ڦٽايو - پشاور اندر خون وهايو
شهر ڪيو بيا بان - ڀائر غفلت ڇڏيو

٣ خون اسانجو ظلم چوسي - ڌن ۽ ولت بي ساڻ لوٽي
وڃي ٿو ديس جو مان - ڀائر غفلت ڇڏيو

٤ ولايتي ڪپڙو ديس جلائي - هندي آهو جو
کاڌي پائي
کاڌي پائڻ آهي شان - ڀائر غفلت ڇڏيو

٥ اهنسا اسانکي گانڌيءَ سکائي
هنسا ۽ اسانجي برائي
نڪرو وچ ميدان - ڀائر غفلت ڇڏيو

راڳ (١٨)

طرز - هلي سنسار جو چرخو - سچائي جي سرائي تي
ٿلهه - امرتن جي رهي آشا - مرن جي ملڪ جي ڪاٽر
جيئڻ تن جو سڦل آهي - جيئن جي ملڪ جي ڪاٽر

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

١ غلاميءَ جي گذاري کان - فنا ڪر جسم تون سارو
اٽل ايمان آتن جو - لڙن جي ملڪ جي ڪاتر

٢ ڇنل ڇاتيءَ ڇيرن جا - ڀلي فائر ڪري ظالم
مبارڪ سي آهن گوليون - لڳن جي ملڪ
جي ڪاتر

٣ قبولي آهه قرباني - جوانن جن جدائيءَ جي
اُهي آيا ڀلي ڄاوا - ڄمن جي ملڪ جي ڪاتر

٤ فرشتا فلڪ جاتن تي - گلن جي خوب ڪن ورشا
مرڻ ويلي به ڦاسيءَ کي - چمن جي ملڪ جي ڪاتر

٥ جلن جي جوان ٿا جنگه ۾ - تمنا نا رکي باقي
ملن ۾ راج منزل کي - ڪسن جي ملڪ
جي ڪاتر

راڳ (١٩)

طرز - هلو درشن ڪرڻ دربار اديون

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ٿلهه — جيڪو يارو شراب سان پيار ڪري
تنهنکي خوب شراب ٿو خوار ڪري

١ انسان کي انسان مان - حيوان هو هڪدم ڪري
ديش واسي سڀ سنڀالي - ترت ٿيو تنهنکان پري
جنهنکي دين ڌرم ٿو ڌڪار ڪري -

٢ شونق مان پي کير پيالا — شير ڀارت جا ڀري
زهر پنهنجي شهر مان نوجوان - ڇڏيو سڀ ڦرب
جيڪو پئي انهيءَ کي لاچار ڪري

٣ جان ۽ جيڙو جلائي — ڦڦر پڻ ڦاري وجهي
سڀ رڳون انسان جون - شيطان هي ساري وجهي
سارو نرڪ جيئان گهر ٻار ڪري

٤ ناڻو ڪري نابود ٿو — ۽ مال ملڪيت سڀ خصم
رات ڏينهن گهر ۾ رهي — ڏک درد ۽ رنجو الم
تريه پاپي اهو جيءَ ڪار ڪري -

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

کاڌيءَ جو آواز راڳ (٢٠)

طرز — وجيه وشيه ترنگا پيارا جهنڊا اوچا رهي همارا

کاڌي پايو سڀ ڀينر ڀائرو — ديش اٿو جي توهان
کي پيارو

١ ڌکي ديس ڀارت آهي ماتا — ڪني ڪپڙي
سان ڇڏيو توهين ناتا

کاڌي ڪپڙو آهي موچارو — غريبن جو سو
آهي سهارو

٢ ڇڏيو نٽ شٽ توهين ڀينر هاڻي — ديس جي
حالت سڀڪا ڄاڻي

کاڌيءَ ساڙهي سڀڪا تاڻين — سوڀيا پنهنجيءَ
کي ڪريو سوڀارو

٣ ٻکه ڀارت کي ڇڏيو نهوري — غريبن کي جنهن
ڇڏيو آهي جهوڙي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ولائتي ڪڍو سڀ ٻچن تان گهوڙي - ٿيندو
اسانجو تڏهن ٺيعارو

٤ هٿ جوري ڪريون وينتي ڀيڻر - ولائتي
ڪپڙو اوهين نه رکو گهر

صبوح سويلي عرض اگهايو - پرن ڪڙي توهين
کاڌي پايو

٥ ٻن پون اهي سٽين وائل - ديس اسانجو ڪيو
جن گهايل

پٽ پائي سو آهي هچارو - وطن اسان جي
هئيو جنهن ڌارو

٦ کاڌي وڪري لاءِ آهي اسان وٽ - جنهن
ماتا کپي اچي اسان وٽ

سهڻي سٺي ؟ اگهه ۾ پوري - پرمانند آهي
کاڌئ وارو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

اڻاٿن جي رکشا ڪريو - ڀارت جو اُڌار ڪريو

غريب هندستان جو فرياد

مهاتما گانڌي جو فرمان ملڪ ۾ ڦهلجي
چڪو آهي ته اسانجي ملڪ جي غريبي ۽ مفلسي
کي مٽائڻ لاءِ کاڌي هڪ هٿيار آهي - کاڌي ڪرڻ
سان نه رڳو اسين ڪرورين ڀارت جا غريب ڀائر
۽ ڀينرون مفلسي کان بچائي ٿا سگهون پر اُنهن
بي روزگار جو باقاعدي انتظام ڪري سگهون ٿا،

سوين مسڪين روٽي لاءِ محتاج آهن،
ان جي ڪڻي لاءِ کين واجهه وجهڻا پون ٿا،
سوين ماتائون انگر تي ڪپڙو نه ڪري
ڀونگرين اندڙ ڀوساٽجي رهيون آهن، سندن
ننڍا ڀڄرا بکه بکه ڪندي پرانن جو تياگ ڪن
پيا - اها حالت ڏسندي به جي اسانجي دل ۾

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ديش جي کاڌي لاءِ پريم پيدا نہ ٿئي تڏهين چئبو تہ زليل ٿي چڪا آهيون، اسان ۾ ڪا بہ غيرت نہ رهي آهي -

کاڌي ڪرڻ سان نہ رڳو اسين ڪروڙن ڀائرن جي بکہ ٿا مٽائي سگهون، بلڪ ديس جي هنرن کي ٿا همٿايون، کاڌي اسانجي جيوت ۾ وڌو ڦيرو ٿي آڻي جنهن ڦيري آڻڻ سان اسين سنسار ۾ وڌيڪ آدرش وارا ٿي سگهون ٿا -

وديشي ڪپڙو جو سنگين آهي ۽ اسين شونق سان پايون ٿا، ڪڏهين توهان خيال ڪيو تہ انهي ڪپڙي پائڻ سان ملڪ ۾ ڪيتري نہ بکہ ٿي وڌي؟ ڪيترا نہ غريب مفت مري ٿا وڃن ۽ ڪيترو نہ پئسو زيان ٿو ٿئي؟ نہ رڳو ايترو پر انهي ڪپڙي ۾ خاص طرح سان گان ۽

سوئر ۽ ٻين ڪيترن جانورن جي چربي ٿي
ڪتب اچي ۽ جنهن چربي جي پالش سان
و لائتي ڪپڙو سهڻو ٿو ڏسڻ ۾ اچي ، ڇاڪڏهن
پنهنجي دل ۾ انهي ڳالهه تي ويچار ڪيو اٿو ؟
هي وقت آهي جڏهن انهن سڀني ڳالهين
کي سوچي ۽ ويچاري دل اندر پرتگيا ڪريو ته
هن کان ٻوءِ غريبن جي هٿ جي قتيل کاڌي
پائي ڀارت جو اُڌار ڪنداسين جنهن ۾ ئي توهان
جو ۽ توهان جي سنتان جو ڀلو آهي —

هيءَ ڀڄناولي مسٽر ڌرمداس آسومل
ٺئناڻي "هندستان" (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ
ورڪس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپي ۽ مسٽر نٿرمل
ايسرداس ڇپائي پڌري ڪئي .

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA